# اَشوڪ کيماڻي

## چيئرمن، کيماڻي گروپ، اِنديا



Ashok Khemani
*Chairman,*
Khemani Group, India

اُها پراچين جاتي، جنهن سڄي دنيا کي سڀيتا ۽ تهذيب جي راهه
ڏيکاري، سا اڄ پنهنجي وجود بچائڻ لاءِ سهڪي رهي آهي.
ڇا اهڙي شاندار جاتيءَ مٿان وري خوشين جو سورج نه اڀرندو!
ضرور اُڀرندو! سنڌين ور ور ڪري ايمانداري، محنت ۽
اورچائيءَ سان پنهنجي قسمت پاڻ لکي آهي؛ اِن وشواس سان
ته جنهن ايشوَر کين کائڻ لاءِ هڪ وات ڏنو آهي؛ اُن ساڳئي
وقت محنت ڪرڻ لاءِ ٻه هٿ به ڏنا آهن. هن جاتيءَ کي بيشڪ
بدنصيبيءَ وچان پنهنجي جڙن کان به اُکيڙي ڇڏيو ويو، پر
مالڪ طرفان کين عطا ڪيل اَندرين قوت باعث هاڻ نه صرف
سنڌ، بلڪ سڄي دنيا جو وسيع دائرو هنن جي وس ۾ آهي ۽
محڪم اِرادي، محنت ۽ جفاڪشيءَ سان هوُ پنهنجين
اونداهين گهڙين کي ڪاميابين جي اُجالي ۾ بدلائي سگهن ٿا!

اُن پيڙهيءَ، جنهن جوانيءَ ۾ سنڌ ڇڏي، تنهن پنهنجي
محڪم اِرادي، محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ڏکيا ڏونگر پار ڪري،
پنهنجي ٻارن
اڳيان مِثال پيش ڪيا ۽ وڏيڪ همت سان اَڃا به اَ ڳيان وڌندي
جاتيءَ لاءِ تاريخ ۾ هڪ خاص جاءِ جوڙي آهي.

اَڄ اَسان سان گڏ آهي اَهڙو ئي هڪ شخص، جنهن جاتيءَ جي
پرمپرائن تي هلندي نئين يگ جي نوَن ويچارن سان ڏنڌي ڌاڙيءَ
جي کيتر ۾ پنهنجي لاءِ اوچ اِستان قائم ڪيو آهي؛ هيءُ آهي
**شري اَشوڪ کيماڻي.**

**جوَهراڻي:** **اَشوڪ! سڀ کان پهرين توهان ٻڌائيندا تہ توهان جو پريوار سنڌ جي ڪهڙي حصي مان آيو هو؟**

**اَشوڪ:** اَسان جو پريوار ڪراچيءَ مان آيل آهي.

**جوَهراڻي:** **اُتي سندن ڌنڌو واپار ڪهڙو هئو؟**

**اَشوڪ:** هوُ زميندار هئا. ورهاڱي وقت هوُ سڀ ڪجهہ اُتي ڇڏي هٿين خالي هليا آيا؛ سندن ڪيسا ۽ هٿ بلڪل خالي هئا!

**جوَهراڻي:** **توهان هِتي جنم ورتو!**

**اَشوڪ:** ها! مان بمبئيءَ ۾ پيدا ٿيو آهيان.

**جوَهراڻي:** **تنهنجي معنيٰ تہ توهان کي ورهاڱي جي مصيبتن جو ڪوبہ شخصي آزمودو ڪونہ آهي، پر ڇا توهان کي پنهنجي وڏن کان يا اِسڪول جي تاريخي ڪتابن مان ڄاڻ مِلي تہ اُن بدبختيءَ واري وقت ڇا وهيو واپريو هو؟**

**اَشوڪ:** اَسان پنهنجن وڏن کان ٻڌو هو تہ اُتي اَسين شاهاڻي نموني رهندا هئاسين، پر پاڪستان ۾ سڀ ڪجهہ ڇڏي اَسان کي وري نئين سِر بمبئيءَ ۾ شروعات ڪرڻي پيئي. ٿوري ۾ اِئين چئجي تہ اَسان جي شاهاڻي رهڻي ڪهڻي پناهگيريءَ ۾ بدلجي ويئي!

**جوَهراڻي:** **توهان کي جڏهن هِن لڏپلاڻ جي ڄاڻ ملي، تڏهن ڇا توهان اِئين محسوس ڪونہ ڪيو تہ سنڌي جاتيءَ سان ناحق ڪيو ويو هو؟**

**اَشوڪ:** ها! اِئين ئي ڇئي سگهجي ٿو! هِتي بنا ڪنهن اَختياريءَ وارن جي مدد جي؛ صرف پاڻ تي ڀاڙڻ سان ئي اَسان پنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اَسان کي سڀ ڪجهہ نئين سِر ٻڙيءَ کان شروع ڪرڻو پيو! جيڪو بيحد مُشڪل ڪم هئو! پر اَڄ ايشوَر جي ڪرپا سان ۽ پنهنجي سخت پورهئي سان اَسين هِتي پهتا آهيون!

**جوَهراڻي:** **شايد ٻين ماڻهن کي توهان جيتري ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ سالن جا سال محنت ڪرڻي پوندي، پر توهين تہ تمام ٿوري**

**وقت ۾ ئي ڪاميابيءَ جي بلنديءَ تي پهتا آهيو! اِها توهان جي ڏينهن رات ڪم ڪرڻ جي لڳن هئي يا توهان وٽ ڌنڌي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ جو جُنون؟**

**اَشوڪ:** حقيقت ۾ هاڻ اَسين جنهن مقام تي پهتا آهيون؛ اوستائين پهچڻ ۾ اَسان کي پنجيتاليه سال لڳي ويا آهن. منهنجو پتا صاحب دمن ۾ اُن وقت آيو، جڏهن اَجا پورچوگال جو راڄ هو. ان کي آزادي ١٩٦١ع ۾ مِلي. اَسين تن ڏينهن کان وٺي هر وڪر ۾ ڌنڌو پئي ڪندا آيا آهيون ۽ شراب جي ڌنڌي ۾ پايو وجهندڙ آهيون. اَسين سڄي دنيا مان شراب گهرائيندا هئاسين. تنهن کان پوءِ اَسان هِندوستان ۾ نهندڙ داروئن جي ايجنسي هٿ ۾ ڪنئي. جڏهن مان اَجا ٿيون درجو پڙهندو هوس، تڏهن پيءُ کي ڌنڌي ۾ اَچي ساٿ ڏنم؛ جو سندس طبيعت ناساز رهندي هئي. پوءِ جڏهن مان اَٺين درجي ۾ آيس تہ سڄو ڌنڌو سنڀالڻ جي جوابداري ڪنيم ۽ هندوستان ۾ نهندڙ اهم شرابن جو خاص واپاري ٿيس!

**جوَهراڻي: توهان جو پنهنجي هٿ ۾ ڌنڌو ڪڻڻ وقت مقصد يا اُميدون ڪهڙيون هيون؟**

**اَشوڪ:** منهنجي اُن وقت اِها تمنا هئي تہ اَسين پنهنجي آبڪاري بني (Distillery) لڳايون! ١٩٨١ع ۾ مون کي آبڪاري بني لڳائڻ جي منظوري مِلي ۽ ١٩٨٣ع ۾ مون پنهنجو شراب ٺاهڻ شروع ڪيو ۽ ڪاروبار وڌائيندو ويس. ان طرح ئي اَسين هِن جڳهہ تي پهتا آهيون. شروعءَ ۾ اَسان تمام ننڍڙي بني لڳائي هئي ۽ سال جي اَندر ئي اَسين جيترو مال ٺاهيندا هئاسون، سڀ وڪامي ويندو هو. اَسان جي توفيق کان وڌيڪ گهرج ٿيڻ لڳي. تن ڏينهن ۾ اَسان جي شڪتيءَ کان بہ تمام گهڻو وڌيڪ سرڪاري بندشون هيون، پر آهستہ آهستہ اَسين سرڪاري منظوريون حاصل ڪندا وياسين. مون ١٩٨٥ع ۾ اُن وقت جي شروعاتي گهُرڪان ڏهوڻو وڏو بنو لڳائڻ جو ويچار ڪيو!

**جوَهراڻي: ڇا توهان جو اَنترراشٽريہ سطح تي ڌنڌي واپار ۾ لاڳاپو آهي؟**

**اَشوڪ:** ها! ايشوَر جي ڪرپا سان اَسين UDI ، جيڪا UDV جي برانچ آهي ۽ 'جاني واڪر بليڪ ليبل' ٺاهيندي آهي؛ اُن سان جڙيل آهيون. اُهي پهريون دفعو پاڻ هِندوستان آيا ۽ مال ٺاهڻ لاءِ اَسان سان ناتو جوڙي ويا. بيشڪ اُن وقت اَسان جو ڌنڌي ۾ سُني ۾ سٺو نالو هو. سال ٢٠٠٠ع ۾ شراب ٺاهڻ جي هڪ بني BIFR جي نظرداريءَ هيٺ وڪري لاءِ آئي. اُها اَسان ورتي ۽ انهيءَ نموني وياسين پنهنجي مال ٺاهڻ جي توفيق وڌائيندا. اَڄ اِها بريوئري هِندوستان جي سُني ۾ سُني بريوئري آهي. اَسان بهترين سهوليتن، مال ٺاهڻ جي عمده طريقن سان گڏوگڏ تمام جديد سامگري ۽ مشينري لڳائي؛ جيڪا گهٽو ڪري تہ هِندوستان ۾ پهريون دفعو آندي ويئي.

**جوَهراڻي: اِئين چيو ويجي ٿو تہ 'بنا اُصولن جي ڌنڌو ۽ بنا محنت جي ناڻو' حاصل ڪرڻ پاپ آهي. توهان سان ڪم ڪندڙ ڪٽنب جي پاتين جي ان باري ۾ ڪهڙي فيلسوفي ۽ ڪهڙا سڌانت آهن؟**

**اَشوڪ:** ڪيماڻي پنهنجي سخت محنت، اَورچائي ۽ سٺين خاصيتن ڪان مشهور آهن! اِهي اَسان جون خاصيتون ۽ اُصول ئي آهن، جيڪي اَسين پنهنجي هر اُدم سان لاڳو رکندا آهيون؛ تڏهن ئي تہ اَسين هِن اوچ تي پهتا آهيون! اَسان لاءِ ڪم پوڄا مِثل آهي!

**جوَهراڻي: توهان کي هِن اوچ تائين پهچڻ ۾ ڪي تڪليفون درپيش آيون؟ توهان کي اِئين ڪڏهن محسوس ٿيو تہ توهان جي ڌنڌي جي ڪري توهان جي پريوار جي پرگهور يا خوشين تي ڪو بُرو اَثر بہ پيو آهي؟**

**اَشوڪ:** نہ! ڀاڳن سان مونکي پريوار ۽ ڪم ڪندڙ تمام سُني ۾ سُنا مِليا آهن! هوُ خوش فهم ۽ سمجهہ وارا آهن ۽ انهن هر وقت مون کي ساٿ پئي ڏنو آهي! ڪڏهن ڪڏهن تہ مان ڏينهن جا ويهہ ڪلاڪ بہ ڪم ڪندو آهيان ۽ اُهي هر وقت مون کي ساٿ ڏيندا آهن. ان ساٿ جي ڪري ئي تہ اڄ اَسين هڪ اوچي مُقامَ تي پهتا آهيون؛

جو 'ڪيماٽي گروپ' جو ڏنڊو سال ۾ چار سؤ ڪروڙن تائين پهچي ويو آهي! اِها هڪ تمام سني ڪاميابي آهي. اِها 'ڪيماٽي گروپ' جي تمام وڏي حاصلات آهي ۽ مان اُن گروپ جو پرڌان هوندي خوشي ۽ فخر محسوس ٿو ڪريان!

**جوَهراڻي:** **توهين هينئر سنتشٽ آهيو يا اَڃا بہ توهان جون ڪي تمنائون ۽ ڪي خواهشون باقي آهن؟**

**اَشوڪ:** مان سپنا ڏسندڙ شخص آهيان ۽ منهنجي هميشه وڏيڪ ۽ وڏيڪ وڌڻ جي تمنا پئي رهي آهي! ڪيتريون ئي يوجنائون منهنجي دماغ ۾ ڦرن پيون!

**جوَهراڻي:** **توهان جا ٻار بہ توهان سان گڏ ڏنڌي واپار ۾ مددگار آهن؟**

**اَشوڪ:** منهنجا ٻيئي پٽ U.S.A. ۽ U.K. جي اِسڪولن مان ڊگريون حاصل ڪري چڪا آهن ۽ ٻيئي مون سان گڏ ڪم ڪندا آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان کي ڪي اِنعام، سنمان يا اَوارڊس بہ مليا آهن؟**

**اَشوڪ:** ڪيترائي! وڏي لسٽ آهي! منهنجي پٽن بہ تيرهن کن اِنٽرنيشنل اِنعام حاصل ڪيا آهن؛ جن ۾ هڪ U.S.A. جي پريزيڊنٽ جو اِنعام خاص ڌيان ڇڪائيندڙ آهي! منهنجا ٻيئي پٽ شادي شده آهن ۽ ٻيئي تمام خوش آهن!

**جوَهراڻي:** **توهان کي مليل اِنعام، توهان جي ڏنڌي سان واسطو رکن ٿا يا ڪي ٻيون سماجڪ حاصلاتون پڻ آهن؟**

**اَشوڪ:** مونکي ڏنڌي، سماج شيوا ۽ پر اُپڪاري مشغولين لاءِ اِنعام مليا آهن!

**جوَهراڻي:** **توهان جي سماج شيوا کيتر ۾ وڏي ۾ وڏي حاصلات ڪهڙي آهي؟**

**اَشوڪ:** مون هِتي دمن ۾ هڪ ٻڍا آشرم، هڪ ٻال ڀوَن ۽ ريڊ ڪراس جو سينٽر برپا ڪيو آهي! مان 'ايڊس اويئرنيس پروگرام' جو پرڌان آهيان ۽ مان 'فوٽ بال اَيسوسئيشن، دمن' جو بہ پرڌان آهيان. دمن ۽ ديوُواري ڊسٽلري اَيسوسئيشن جو بہ پرڌان آهيان.

مان ويسٽرن ريلوي زونل اَئڊوائيزر ڪاميٽيءَ تي بہ هوس. جڏهن مان ڪاميٽيءَ تي ميمبر طور نامزد ٿي آيس تہ صاف چيو مان تہ ”مان ربڙ اِسٽيمپ وانگر ڪونہ آهيان. پنجويہ سالن کان اَسان جي ڏمن، ڏيوُءِ سلواسا واري حصي لاءِ ڪجهہ بہ وڪاس ڪاريہ ڪو نہ ڪيو ويو آهي.“

مون اِن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ سڀ گاڏيون واپي اِسٽيشن تي بيهن. عجب ٿو لڳيوَ؟ پر اِهو سچ آهي تہ صرف دهلي راجڌاني ايڪسپريس ڪانسواءِ ٻيون سڀ گاڏيون واپي اِسٽيشن تي بيهنديون آهن. پل پوءِ اُها شتابدي بہ هجي يا ٻي ڪا!

**جوَهراڻي:** **سنڌين جي هر گڏجاڻيءَ ۾ هڪ اَهم سوال اُٿندو آهي تہ اَڄ ڪالهہ ٻارن سان گهرن ۾ سنڌيءَ ۾ نٿو ڳالهايو وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو ڇنتاجنڪ حد تائين گهٽجي رهيو آهي! توهين تہ تمام سُٺي سنڌي ڳالهائي رهيا آهيو؛ پر ڇا پنهنجن ٻارن سان بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهيو؟**

**اَشوڪ:** ها! اَسين ٻارن سان بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهيون؛ پر سچائي اِها آهي تہ اَنگريزي ۽ هِندي حاوي پئجي ويئي آهي!

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌيت کي وڌائڻ ويجهائڻ لاءِ دلي طور خواهان آهيو؟**

**اَشوڪ:** بلڪل! جڏهن بہ سنڌي جاتيءَ کي ڪٿي بہ اَسان جي مدد جي ضرورت پوندي آهي تہ اَسين خوشيءَ سان اَڳتي وڌي ايندا آهيون!

**جوَهراڻي:** **سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي باري ۾ گهڻا بحث مباحثا هلي رهيا آهن؛ تہ اُها عربي هجي، ديوناگري هجي يا رومن لپي هجي. توهان جو اِن باري ۾ ڪهڙو ويچار آهي؟**

**اَشوڪ:** درياڳيہ سان اَسان کي سنڌي لکڻ پڙهڻ ڪونہ ايندي آهي، جو اَسين ورهاڱي کان پوءِ هِتي آياسين. منهنجي ويچار موجب ديوناگري بهترين ٿيندي!

**جوَهراڻي:** **توهان سنڌين جي ريتين رسمن ۽ ڏرمي وڏين ۾ ڪيترو وشواس**

**رکو ٿا ؟ جن جي سنڌ ۾ تہ پوري طرح پوئواري ڪئي ويندي هئي، جيڪا اَسان کي پڪ آهي تہ توهان پنهنجن وڏن کي شادين مُرادين ۽ جلسن ۾ نيائيندي ڏٺي هوندي!**

**اَشوڪ:** مان سنڌي ريتين رسمن ۾ پوري طرح وشواس رکندڙ آهيان ۽ خوشي اَٿم تہ اَسان جي جاتيءَ کي پنهنجي اَلڳ پهچان آهي!

**جوَهراڻي:** **سنڌي جاتيءَ جي سٺن گڻن ۽ اَوگڻن جي باري ۾ ٻڌائيندا ؟**

**اَشوڪ:** سنڌي ماڻهو ايماندار، ڪم ڏانهن سمرپت ۽ محنت ڪش آهن! ان ڪري ئي تہ هر کيتر ۾ اَسان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. تنهن هوندي بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪيترا سنڌي غريب آهن ۽ اَسان کي گهُرجي تہ کين مدد ڪجي. اَسان ۾ هڪ ئي وڏي ۾ وڏو اَوگڻ آهي؛ نفاق يا ڦوٽ.

اَنترراشٽريہ سنڌي سميلن جيڪو بہ سال اَڳ ۾ باندرا-ڪرلا ڪامپليڪس، بمبئيءَ ۾ ڪوٺايو ويو هو، اُهو تمام سُٺو قدم هو ۽ ان مسئلي تي گهڻو ڪجهہ ڳالهايو ويو هو. اَسان کي اَهڙا سميلن هر سال ڪوٺائڻ گهرجن ۽ ان لاءِ صرف هڪ واحد ڳالهہ جي سخت ضرورت آهي، سا اِها تہ سيني سنڌين کي گڏجي ٻڌي ڪري اَڳيان اَچڻ گهرجي، جيئن اَهڙي سميلن کي هر سال ترتيب ڏيئي سگهون. اها سنڌين جي وڏي ۾ وڏي گڏجاڻي هئي، جيڪا مون ڏٺي ۽ مان دلي طور اُن جي ساراہ ٿو ڪريان!

**جوَهراڻي:** **سنڌين ۾ ٻڌي ڪونهي؛ اِهو هڪ نِگرو سچ آهي. سنڌي جاتيءَ جي بهبوديءَ لاءِ توهان وٽ ڀيون ڪهڙيون صلاحون آهن؟ چاڪاڻ تہ توهان ۾ سماج شيوا جو گڻ آهي، جيڪو توهان جي ڊمن-ڊيوُ ۾ واڌاري لاءِ ڏنل يوگدان مان نظر اَچي ٿو!**

**اَشوڪ:** منهنجي ڏٺيءَ در صرف اِها آراڌنا آهي تہ زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيل سيني سنڌين کي پنهنجو اَهم پاو پاسيرو رکي، اَڳيان اَچڻ گهرجي! تڏهن ئي اَسين پنهنجي قابليت سان هماليہ جي چوٽيءَ تائين بہ پهچي سگهنداسين. اَسان وٽ هر کيتر ۾ تمام پڙهيل ۽ عالمانہ شخص آهن ۽ جيڪڏهن اَسين ٻڌجي وڃون تہ نہ صرف بهتر، پر سڀ کان سُٺو ڪجهہ ڪري ٿا سگهون!

**جوَهراڻي: اَسان جي جاتيءَ ۾ هاڻي اَنترجاتيہ شادين جو رواج حاوي ٿيندو ٿو وڃي! توهان جا اِن باري ۾ ڪهڙا ويچار آهن؟**

**اَشوڪ:** اَنترجاتيہ شادين جو رواج هاڻي سيني جاتين ۾ ٿي پيو آهي پر منهنجي خيال موجب سنڌين کي پهرين پنهنجي جاتيءَ ۾ شادين مُرادين جو خيال ڪرڻ گهرجي؛ نہ تہ بہ سڀ ڪجهہ ٻارن تي ڇڏي ڏيڻ گهرجي. آخر بہ تہ اها سندن زندگي آهي.

**جوَهراڻي: سنڌين جو هڪ ٻيو بہ پهلو آهي؛ تہ جتي بہ اَسان مندر يا گردوارو ڏسندا آهيون، اُتي مٿو ٽيڪيندا آهيون. ان کي اَسين پنهنجي ڪمزوري چئون يا ايشوَر ڏانهن پيار ۽ عزت چئون يا ماڻهئين ئي خدا جي ڊپ کان اَسين سِرُ جهڪائيندا آهيون؟**

**اَشوڪ:** ان کي توهان وشواس جو معاملو چئي سگهو ٿا! صوفي - پڻو اَسان جي نس نس ۾ سمائجي چڪو آهي. ان ڪري سروَ شڪتيمان ايشوَر جي هر آستان جي اَسين عزت ۽ مان سنمان ڪندڙ آهيون!

**جوَهراڻي: ايشوَر کي پائڻ لاءِ روحاني راهہ ڏيکارڻ لاءِ اَسان وٽ اَنيڪ پنٿ آهن. ڪهڙين بنيادي وصفن کي ڌيان ۾ رکي اَسان کي پنٿ ڳولهڻ گهرجي؟ يا اهو هر ڪنهن جي پنهنجي وشواس جي وس ۾ آهي؟**

**اَشوڪ:** اهو هر ڪنهن جي پنهنجي وشواس تي مدار ٿو رکي تہ هوُ ڪهڙو پنٿ ٿو اَپنائي!

**جوَهراڻي: اهو وشواس ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ توهين ڪهڙي پنٿ جا راهي آهيو ۽ ڪنهن جي اُپاسنا ڪندڙ آهيو ؟**

**اَشوڪ:** اَسين راڌا سوامي پنٿ جا پانڊيئڙا آهيون!

**جوَهراڻي: اهو وشواس چمتڪاري اِسرار پسڻ سان پيدا ٿئي ٿو يا اُن سان واسطو رکندڙ ساڃيون جڳهيون وري وري ڏسڻ سان ۽ ساڃيو ساڃيو ستسنگ وري وري ٻڌڻ سان يقين وڌي ٿو؟**

**اَشوڪ:** منهنجا ماتا پِتا راڌاسواميءَ جي سکيائن کان متاثر ٿيل هئا.

ڪتاب پڙهڻ، ستسنگ ۾ نيم سان وڃڻ ۽ پاٺ ۾ ويچارن جي ڏي وٺ ڪرڻ سان مان به ان ڪان متاثر ٿي ويس ته اهو ئي پنٿ منهنجي لاءِ به آهي!

**جوَهراڻي:** **بلڪل اهوئي مون به چوڻ پئي چاهيو ته اهو هر ڪنهن جي پنهنجي سياءَ تي مدار ٿو رکي! هر اِنسان پنهنجي سياءَ جو قيدي آهي، مِثال طور ڪو شخص بلڪل ڪنجوس هجي، ته ڪيس اُهو ئي پنٿ سُٺو لڳندو، جتي دان پيتيون رکيل ڪونه هونديون؛ جو هوُ سمجهندو ته هيءُ پنٿ ئي سڀ کان سُٺو آهي، اُتي ڪنهن ڪان پيسن جي اُميد ڪانه ٿي رکي وڃي! ساڳئي وقت ڪو ٻيو شخص وري اُهو پنٿ پسند ڪندو، جتي ماس مڇي يا ٻئي ڪنهن ڪاڌي پيتي تي ٻنڌن نه هوندو! توهان جي ان باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟**

**اَشوڪ:** توهين بلڪل صحيح آهيو! راڌا سواميءَ جي فيلسوفي منهنجي سياءَ سان ٺهڪي ٿي آئي. اُتي ڪنهن به ماڻهوءَ مان ڪنهن به ناڻي جي اُميد ڪانه پئي رکي ويئي. ان سڌانت موجب اُتي ڪائي به اَهڙي جڳهه ڪانه آهي، جتي گلن جا هار چاڙهجن يا اَگربتيون ٻارجن يا ڪوئي گهنڊ گهڙيال وڄائجي. ايشوَر کي ته اَندر ۾ ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ٻاهر. توهين پنهنجو ڪم ڪار رڳو پيار سان ڪندا رهو ۽ دل ۾ ڀڳوان کي ڌيائيندا رهو. آخر ۾ ڀڳوان ته هڪڙو ئي آهي پر ڪيس حاصل ڪرڻ جون راهون اَلڳ اَلڳ آهن!

**جوَهراڻي:** **مهرباني اَشوڪ! توهين جنهن اَعتقاد سان پنهنجي زندگيءَ کي، پنهنجي ڏنڌي کي، پنهنجي پريوار ۽ سماجڪ جيون کي ۽ پنهنجي روحاني راه پائڻ لاءِ ڌارمڪ پنٿ کي سنڀالي ويٺا آهيو ۽ سيني سان هڪجهڙو نڀائي رهيا آهيو؛ اهو اَسان جي جاتيءَ جي اَڄ جي نوجوانن کي اُتساه ۽ مقصد عطا ڪندو!**

**اَشوڪ:** توهان جي مهرباني رام! توهان مون کي پنهنجا ويچار رکڻ جو وجهه ڏنو!